SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريہ 1972

SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 8_A ۽ 8_B جي ترميم

Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972

3. ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون

Members to be V.I.Ps

4. سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش

Accommodation in Circuit house, etc

5. پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو

Visit to Institutions in his own District

سنڌ ايڪٽ نمبر XXIX مجريہ 1972

SINDH ACT NO.XXIX OF 1972

سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972

THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

جنهن کي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جون مراعتون ايڪٽ، 1972 ۾ دفعہ 8 کانپوءِ، هيٺيان دفعات شامل ڪيا ويندا، يعني:

1972 جي سنڌ ايڪٽ VI جي دفعہ 8_A ۽ 8_B جي ترميم

Amendment of Section 8_A and 8_B of West Pakistan Ordinance XI of 1972

"8_A. ميمبر اهم شخصيتون هوندا ۽ انهن کي لاڳو قانونن ۽ صوبائي خواهہ مرڪزي حڪومت جي هدايتن مطابق اهم شخصيتن جهڙيون مراعتون ملنديون.

ميمبر جيڪي تمام اهم شخصيتون هونديون

Members to be V.I.Ps

8_B. ميمبر، لاڳاپيل اختياري کي اڳوات اطلاع ڏيڻ سان، بشرطيڪ رهائش جي گنجائش موجود هجي، سرڪاري يا مقامي اختياري طرفان هلندڙ سرڪٽ هائوس، ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ مقرر ٿيل معاوضي تي رهڻ جو حقدار هوندو يا جيئن به صورتحال هجي.

سرڪٽ هائوس وغيره ۾ رهائش

Accommodation in Circuit house, etc

8.C. ميمبر اڳواڻ اطلاع ڏئي پنهنجي ضلعي جي اسپتالن، تعليمي ادارن يا ٻين سرڪاري ادارن جو معائنو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ معائني دوران هو ڪنهن ريسٽ هائوس يا ڊاڪ بنگلي ۾ رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو جيئن به صورتحال هجي.	پنهنجي ضلعي جي ادارن جو دورو Visit to Institutions in his own District

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.